
ٻڌو. پڙهو. عمل ۾ آڻيو.

# ١٠ - سنيتا جي سياڻپ

YPV33X



**پاترن جي واقفيت: سنيتا: عمر اٽڪل ١٠ سال، چور: عمر اٽڪل ٣٠ سال، چوڪيدار: عمر اٽڪل ٢٥ سال**

رات جا اٽڪل ١٢ لڳا آهن. سنيتا پنهنجي اَڀياس جي ڪمري ۾ اِمتحان جي تياري ڪري رهي آهي. سندس ماءُ پيءُ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويل آهن.

هڪ چور سنيتا جي اَڪيلائيءَ جو فائدو وٺي پنئين در کان گهر اَندر داخل ٿئي ٿو. چوڪريءَ کي جاڳندو ڏسي پردي پٺيان لڪي بيهي ٿو. خوش نصيبان سنيتا پردي پٺيان لڪل چور جا پير ڏسي وٺي ٿي. ڪجهه وقت لاءِ گهبرائجي وڃي ٿي. پر جلدئي ڪجهه سوچي حوصلو رکي هڪ تجويز سوچي ٿي. ڪتاب بند ڪري پنهنجي گڏين سان راند ڪرڻ شروع ڪري ٿي. چور ويچار ڪري ٿو ته سنيتا ٻار آهي. ڪجهه وقت راند ڪري ٿڪجي پوندي ۽ پوءِ سمهي پوندي. مان آرام سان سڄو گهر ٻهاري ڪڍي ويندس. پر سياڻيءَ سنيتا به چور کي پڪڙائڻ جو پڪو اِرادو ڪيو هو. هوءَ گُڏن گُڏين کي پنهنجا رشتيدار ٻڌائي هن ريت راند ڪرڻ لڳي .

**سنيتا:** (وڏي آواز سان) هي به وڏا گُڏا منهنجا پيءُ ۽ ماءُ آهن، هيءُ سهڻي گُڏي مان سنيتا آهيان. مان جڏهن وڏي ٿيندس ته منهنجي شادي هن شاندار ۽ بهادر گُڏي سان ٿيندي. مان پيءُ ۽ ماءُ کي ڇڏي هن گُڏي سان ساهري گهر هلي ويندس. ڪجهه وقت کان پوءِ مونکي هن ننڍي گڏي جهڙو بهادر پٽ ڄمندو. مان سندس نالو جنگو بهادر رکنديس. منهنجو هيءَ جنگو بهادر هوشيار پر شرارتي ٿيندو.

(چور آڪاٽي ٻڌي رهيو آهي ۽ سنيتا جي سمهڻ جو اِنتظار ڪري رهيو آهي)

**سنيتا:** (پنهنجي گفتگو کي چالو رکندي) منهنجو هيءَ شرارتي پٽ جڏهن لکڻ پڙهڻ تي ڌيان نه ڏيندو ته مان کيس دڙڪا ڏينديس. منهنجو هيءَ پٽ رسي ويندو. مان کيس منائڻ لاءِ هِن دريءَ کان سڏ ڪنديس. ”او منهنجا بهادر پٽ هيڏانهن اَچ. جنگو بهادر جلدي اچ.“
(سنيتا جا سڏ ٻڌي گيٽ تي بيٺل چوڪيدار گورکو جنگو بهادر هڪدم سنيتا وٽ حاضر ٿئي ٿو.)

**جنگ بهادر:** ڇئہ منهنجي ننڍڙي اَمان! منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

(ننڍڙيءَ سنيتا جي وڏي پٽ ڪي اَچانڪ ظاهر ٿيندي ڏسي چور وائڙو ٿي وڃي ٿو.)

**سنيتا:** (پردي ڏانهن اِشارو ڪندي) پٽ جنگ بهادر، هن پردي پنيان چور جي لٽ سان مرامت ڪر. چوڪيدار سمجهي ويو تہ پردي پنيان چور آهي، سو چور جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي ڪيس ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ اُن تي لٽ اولاري ٿو. چور سپاٽي سنيتا جي پيرن ڪي پڪڙي معافي گهري ٿو.

(پردو ڪري ٿو.)

**نوان لفظ:**

حوصلو = همت شرارتي = حرڪتي ڀهاري وڃڻ = سڀ ڪجهہ کٽي وڃڻ

تجويز = رِٿ.

## اَڀياس

**سوال ۱:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو:**

۱) پنئين در ڪان ڪير گهڙي آيو؟

۲) سنيتا چور ڪي ڪٿي ڏٺو؟

۳) چوڪيدار ڇا سمجهي ويو؟

۴) سنيتا راند ۾ رشتيدار ڪنهن ڪي ٻڌايو؟

**سوال ۲:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو:**

۱) سنيتا چور ڪي ڪيئن پڪڙايو؟

۲) سنيتا وڏي آواز ۾ ڪنهن ڪي سڏ ڪيو ۽ ڇو؟

**سوال ۳:- ضد لکو:-**

پنيان، ننڍو، ٻاهر، سپاٽي، بهادر، حاضر.

**سوال ۴:- هيٺين لفظن جون صفتون لکو:-**

ڪم، فائدو، نالو، شانُ، اڪيلائي،

**سوال ۵:- هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن ڪي چيا آهن؟**

۱) ”هيءَ سهٽي گڏي مان سنيتا آهيان.“

۲) ”او منهنجا جنگ بهادر پٽ، هيڏانهن اَچ.“

۳) ”هن پردي پنيان لڪل چور جي لٽ سان مرامت ڪر.“

**سوال ٦:- ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو:**

| الف | ب |
|---|---|
| ۱) شرارتي | ۱) مائٽ |
| ۲) رشتيدار | ۲) رِٿ |
| ۳) تجويز | ۳) همت |
| ۴) حوصلو | ۴) حرڪتي |

**هدايت:** ماستر شاگردن کي اهڙي آکاڻي ٻڌائيندو جنهن ۾ ماءُ پيار بهادر ڏيکاريل هجي.
**مشغولي:** (١) هي سبق ناٽڪي روپ ۾ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.
(٢) ماستر شاگردن کي سنگيت آچاريہ ماستر چندر جو ڳايل 'اِئين اچا ماءُ ننڍڙي آهيان.'
گيت ڪلاس ۾ ٻڌائڻ جو بندوبست ڪندو.

## پورڪ اَڀياس

(١) گفتگو لکو:-

الف: ''چور ۽ پوليس، (ب) ٽيچر ۽ شاگرد

(٢) هيٺيان خاڪا پورا ڪريو:-

(الف)

ماءُ گھر ۾ ڪپڙا ڌوئي رکندو آهيان.




(ب)

ڪرافٽ وشيہ ۾ فانوسو تيار ڪرڻ سکيو آهيان.




(٣) ڪتو، ٻلي ماءُ ۽ منهنجي ساهيڙي ۽ / دوست اِنهن ذريعي ننڍي آکاڻي / قصو لکو.

(٤) ٻہ ٽہ ٻارهان اِن چوٽيءَ تي اَٺ کان ڏهہ جملا لکو.

(۵) سنيتا وقتائتو قدم کڻي چور کي پڪڙايو.
توهان هينين حالتن ۾ ڇا ڪندا؟

| حالت | قدم |
|---|---|
| (١) توهان کي رستي تي ١٠٠٠ رپئي جو نوٽ ملي تہ ................... | |
| (٢) هلندي گاڏيءَ مان توهان جو ٿيلهو ڪري پوي تہ ................... | |
| (٣) اِسڪول ۾ ٻن هم ساٿين وچ ۾ جهڳڙو ٿئي تہ ................... | |
| (۴) توهان جا دوست هڪ باغ مان انبڙيون پٽي رهيا آهن تہ ................... | |
| (۵) توهان جي پاريسڙيءَ وٽ پاڻي نڙو اَچي تہ ................... | |
| (٦) رستي تي پنڌ ڪندي توهان سخت گرمي محسوس ڪري رهيا آهيو تہ ..... | |

(٦) هينين جملن ۾ لفظن جو سلسلو ٺاهي جملا وري لکو:

| | |
|---|---|
| ١) اَٿر اکين فلمن ڏسڻ تو ٿئي سان تي | |
| ٢) اِسڪول ڪم پورو راڌا گهرو جو ڪيو | |
| ٣) نيرن ماءُ تيار منهنجي ڪئي | |
| ۵) درلپ آهي پرم وير چکر سنمان | |
| ٦) ماڻهو سنتوشي خوش هر تو رهي حال | |

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

ڏنل مثالن موجب خال ڀريو:

| اِسم | صفت | اِسم | صفت |
|---|---|---|---|
| سنوت | سنئون | ----- | شانائتو |
| سگهہ | سگهارو | اثر | ---- |
| گهٽائي | ----- | ڏينهن | ---- |
| ---- | مندائتو | ---- | راتوڪو |
| قيمت | ---- | سمنڊ | ---- |
| ---- | واريا سو | ---- | سياڻو |
| عادت | ---- | ---- | وڏو |